# ڪپيل هٿ

(ڪهاڻيون)



محمد انور بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

# ڪپيل هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

# ڪپيل هٿ

## (ڪهاڻيون)

محمد انور بلوچ

سچائي اشاعت گهر-دڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر ڏيوهون

ڇپائيندڙ:.... .... .... .... .... .... سچائي اشاعت گهر - دڙو

ڇپيندڙ: .... .... .... .... ........ ايم خان پرنٽرس - حيدرآباد

ٽائيٽل: .... .... .... .... .... .... هوجي لال -

پهريون ايڊيشن: .... .... .... .... آگسٽ ١٩٩١ع

قيمت: 45—00

پڪي جلد سان: 80—00

Kapyal Hath (Sohrt Stores), Written by Mohammed Anwer Baloch- Published by Sachai Ishat Ghar Derro - Dist- Thatta Sind -- First Edition Agust 1991. Pries Per Copy Rs 45/=:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

# ارپنا

سنڌ جي نئين نسل جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# فهرست


| | |
|---|---|
| پنهنجي پاران | 9 |
| رايو | 11 |
| ليک پاران | 13 |
| مهاڳ | 00 |
| ويندڙ وهي، لهندڙ سج | 17 |
| سستو رت ۽ مهانگو پسو | 33 |
| ٽارچر سيل | 34 |
| عشق ۽ بک | 59 |
| باهه وڻي | 61 |
| پنهنجي کولا | 71 |
| زندگي ٿوهر جيان | 72 |
| پوچا | 76 |
| کپيل هٿ | 83 |
| بي غيرت | 91 |
| پل صراط | 94 |
| ماما | 121 |
| آدم بوه | 122 |
| حور | 129 |
| آسون وري به آپ ٿي | 131 |
| ڇريو | 144 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| لوهيءَ جو ملهه | 146 |
| آپ واري جيءَ ڳالهه | 165 |
| آ ديسي اڄ مترُ | 167 |
| ڪامريڊ | 182 |
| رڄ جي راهه | 185 |
| پنهنجي بقا لاءِ | 202 |
| هيپي نيو ايئر | 204 |
| سچ، سوا نيزي تي | 211 |
| مذهبن ملڪ ۾ | 217 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهترين نمونو آهي- بهرحال آئون انور بلوچ جي ڪهاڻين تي ڪو تفصيلي بحث نه ٿيو ڪيان، ڇو ته ان لاءِ گهڻا صفحا کپن ۽ جيڪي مون وٽ ڪونهن.

محمد انور بلوچ پڙهندڙن لاءِ ڪو نئون ڪونهي- سندس اڳ ڇپيل ڪهاڻي ڪتاب سنگسار ڪافي مقبوليت ماڻي آهي. هن ڪتاب کان پوءِ ٻيا ڪتاب جن ۾ هڪ ڪهاڻي ڪتاب ٻاڇا پوئين ۽ پهر جا، ناول ڦاهي گهاٽ ۽ سفرنامون اي ٽرپ ٽُ آمريڪا شايع ڪيا ويندا-

**يوسف سنڌي**


Scanned with CamScanner

8288/

ڊاڪٽر نجم الدين عباسي
ايم. بي.، بي. ايس

پريان ڳالهائڻ الڳ

تاريخ ٩٠-٩-١

سائين انور بلوچ،

توهانجي هڪڙي دوست سوکڙي ملڻ تي توهانکي
چيو هو ته "سائين، ماڻهو وڏو آ!"

مونکي توهانجي هن ڪتاب جي سوکڙي ملي ته
مون دل ۾ چيو: "سائين، جيارو وڏي!"
تون محسين ڪان اڌ رنگ جي روڳ ڪري،
بستري داخل آهيان. سڄو هٿ بيڪار
ٿي ويو آهي. لکي ڪونه ٿو سگهان،
جينوئٽيڪ هاڻي ڏاڍي اڏکيائي سان پر
صفحو اڌ لکي وٺان ٿو.
اهو ٿو چاهيان ته اخبارون، رسالا ۽
ڪتاب پڙهي پيو وقت گذاريان، ان
ڪري توهانجو ڪتاب "سنگسار" نعمت
ٿي آيو آهي ۽ نعمت نه پر ساگو مون
واسطي پر سنڌي ساهت لاءِ پڻ.
مونکي خوشي ٿي آهي ته سنڌي ۽ جي
ٻي پسند ساهت جي ليکڪن ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نالي (توهان جي) جو واڌارو ٿيو آهي
ترقي پسنديءَ مان منهنجو مطلب آهي
ته توهان سجاڳ ليکڪ بڻجي پوري
سماجي ذميواريءَ سان لکو ٿا. توهان جي لکڻي
سنڌين سنڌ ۽ سهنجائيءَ سان
سمجهه ۾ ايندڙ آهي ۽ ان جا موضوع
گهڻو تڻو اسان سنڌين ۽ خاص ڪري
ٻهراڙيءَ وارن جا مسئلا آهن. انهن ۾
قومي شعور، نظرياتي ساڃاهه، انقلابي احساس
سنڌ جي موجوده دؤر ۾ مونجهارن
وڏي ڳالهه ته دل جي سچائي ۽ انهن جو حل
آهي. مان سمجهان ٿو ته انهن جي چٽائي
توهان سنڌ ۾ قبائليت جي ناسور کي پنهنجي
ڪهاڻين ۾ کنيو آهي، جيڪي انهن به سنڌ جي
ادب کان اڻهو ڪونه پيو آهي
نجم عباسي
جيئي سنڌ

ليکڪ ٻاران

# جڏهن سُتيون جي.....

مون کي اڄ به اهو ڏينهن ياد آ، جڏهن ننڍي لاڪون هڪ لتي ۽ ڪهڙي مون پنهنجي ڏاڏي ڪراڙي جي حُقي ۽ وات وڌو نه امڙ جي زوردار چماٽ اچي لڳي. ڏاڪ جي ڪري، حُقي جي لوهي ناري جي وٽ، منهنجي تارون ۽ چپي وٽي ۽ وات ۽ قميص رت ۽ ڳاڙها ٿي ويا. ڏاڏي ڪراڙي رڙ ڪري امڙ کي کهٽ وڌ چوڻ لڳي پر مون رانياٽ ڪندي به پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌو. هوءَ لاپرواهي مان گهر جو ڪم ڪندي چئي رهي هئي.

”اڄ جي اهي پير اٿس ته صبحاڻي وڏو ٿي الهائي ڇا ڪندو؟“

.... .... .... ....

مون کي سال ١٩٦٥ع جي اها ڳالهه منجهند به ياد آ، جڏهن اسڪول مان گسائي ڪري، منهنجو ڀيءُ بندوق جا هٿي نال پري، منهنجي سامهون ٿي بيٺو ۽ رڙ ڪري چيائين.

”ان کان اڳ جو تون وڏو ٿي، مون کي هڏڻ جهڙو ڪرين. مان تنهنجو سِرُ چو نه ڪٽان، صبحاڻي ڪو طعنو نه ڪونه ڏيندو ته ڦٽ ڪري ويس.“

.... .... .... ....

مان ڇا ڇا ياد ڪيان ۽ ڇا وساريان. ١٩٦٨ع ۾ هڪ مانواري استاد جا اکر ته:

ادا يوسف سنڌي جي ايڪي ۾ اينديون- باقي ڪهاڻيون، سي
ته جيئن مون ڏٺيون ۽ محسوس ڪيون، تيئن ئي لکيون آهن-

هن ڪتاب کان ٻاهر به آئون ٿورائتو آهيان سائين
نجم عباسي جو، جنهن زهر جهڙي زندگي گهاريندي به، منهنجي
پهرين ڪتاب ”سنگسار“ تي ڏکو ته نه پر مختصر به، تبصرو
ڪري، لکڻ لاءِ دل ٻڌائي-

آئون ٿورائتو آهيان ادا نصير مرزا جو، جنهن مون کي
ريڊيو ڊراما لکڻ سيکاريا.

جس ته ادا يوسف سنڌي کي به هجي، جنهن منهنجون
ڪچيون ٻڪيون لکڻيون، ڪتابي شڪل ۾ ڇپائڻ جي
رسڪ کنئي.

۽ مان پنهنجي همسفر، پنهنجي ’مَنَ‘ لاءِ ڇا چوان،
جيڪا موڊ هجيس يا نه پر منهنجون ڪهاڻيون ضرور پڙهندي آ.

دڙو: ١٥-٥-١٩٩١ محمد انور بلوچ

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ کي انور هڪ پاسي عبادت به سمجهي ٿو ۽ سماجي خدمت پڻ پاسي، ان حوالي سان انور پنهنجي ڪهاڻين ۾ مڪمل طرح سان هڪ آدرشي ۽ حقيقت پسند ڪهاڻيڪار طور اسان جي سامهون آيو آهي. انور جو خود چوڻ آهي ته: "جملي لاءِ اوهان ڪيترا به خوبصورت لفظ چونڊيو، ڪهاڻي لاءِ کهڙي به ٽيڪنيڪ واپرايو، جيستائين ڳالهه حقيقت تي ٻڌل ڪانه هوندي. دل تي اثر ڪانه ڇڏيندي" اهوئي سبب آهي جو انور لفظي آرائش ۽ تجريديت جي اصل ڏي ويجهو ڪونه ويو آهي ۽ نه ٿي هن ان ڏانهن جو ڪهاڻيڪار بڻجڻ جي ڪا ڪوشش به ڪئي آهي. ان ڏس ۾ هو تحقيق ته امداد حسينيءَ جي هن شعر جو قائل نظر اچي ٿو ته:

لفظ سڪا نه آهن
پر تڏهن به
سنڀالي خرچ ڪرڻا آهن.

"سنگسار" کان "ڪپهل هٽ" تائين واريون انور جون ڪهاڻيون پڙهندي حيرت انگيز مسرت پڻ ٿيم ته، همعصرن ۾ هو جيترو فاسٽ ليکڪ آهي اوترو ئي هو ان حوالي سان وڏيڪ منفرد به آهي جو، ٻين جي مقابلي ۾ هن وٽ ڪهاڻين ۾ موضوعن جي ورائٽي عال جال آهي. هن وٽ، ڪهاڻين ۾ نه ڪردار ريپيٽ ٿا ٿين نه موضوع .... ۽ ريپيٽ ٿين به ڇو!؟ هڪ آدرشي ليکڪ لاءِ هن Crisis سان ڀريل سنڌي سماج مان ڪهاڻين جا پلاٽ ۽ موضوع ڳولڻ ڪو مسئلو هجڻ به نه گهرجي. موضوع محدود ته، انهن ڪهاڻيڪارن وٽ هوندا جن کي اندر جي پيڙا جي اظهار کان سواءِ ٻيو ڪو موضوع نظر ئي ڪونه ايندو آهي. ڏٺو وڃي ته، سنڌ جي موجوده صورت حال ۾ سنڌواسين کي ڪرائيم ايترو ته سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي جو، ذهني سڪون ۽ آرام لاءِ ڪا ڪنڊ ڪو ڪارنر نظر ئي ڪونه ٿو اچي. شهرن ۾ ايم ڪيو ايم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ڪهاڻيڪارن ۾ هوندو آهي، جن وٽ لکڻ شهرت جي تمنا هئڻ، بدران هڪ مقصد ۽ هڪ آدرش هوندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو، انور جي ڪابہ ڪهاڻي بي مقصد ۽ محض لفظن جي آرائش ۽ نمائش ڪانهي. هو پنهنجي ڪهاڻين جا رخ زندگيءَ جي ننڍڙن پر اهم مامرن ڏانهن نهايت ذهانت سان ڦيرائي، انهن کي ڪنهن توڙ تائين پهچائي فن کي هڪ مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. مثال طور، انور جي ڪهاڻي ”سج سوا نيزي تي“ جو ٿي ڪلائيميڪس ۽ سندس ڪرافٽ جي ڪاريگري ڏسو. جنهن جي ابتدا ۾، ڪل ڪل ۾ ڪهاڻيءَ جي بيمار نائڪ جو، پنهنجي زال کي چيل هي جملو ته: ”تون ڳڻتي نہ ڪر. آئون اڻين ڪونہ ويندس. آءٌ جي ويس تہ دهلن شرنائين سان ويندس“. ان جملي سان گڏ خود ڪهاڻيءَ جي عنوان ”سج سوا نيزي“ کي اهڃاڻ بنائي سڄي ڪهاڻيءَ ۾ انور ان هڪ استعاري جو بہ ڪم ورتو آهي. ڪهاڻي جي پڇاڙيءَ تي پڙهندڙ جو چرڪ ان وقت بہ نڪري ٿو وڃي، جڏهن ڪهاڻيءَ جي Climax ۾ هو پٽن جي ڪاج ۾ ڪاهي آيل ڏاڙيلن سان يڌ ڪري، پنهنجو پاڻ ملهائي ٿو... تڏهن سندس لاش تي روئندڙ جوڻس جي ڪنن ۾، آهي ٿي جملا پڙاڏجن ٿا، جيڪي ڪهاڻيءَ جي ابتدا ۾، هو ڪل ڪل ۾ زال کي چوي ٿو تہ: آءٌ جي ويس تہ دهلن شرنائين سان ويندس.

انور جي ڪهاڻين جو اهو خاص گڻ آهي تہ، هو ننڍين ننڍين واقعن جي پويان جيڪي وڏيون وڏيون ٽريجڊيز آهن، انهن کي پڙهندڙن آڏو آڻي ٿو. اهو بہ انور جي ڪهاڻين جو ويساهہ آهي تہ، دراصل ننڍا ننڍا واقعا ئي ڪن وڏن وڏن واقعن ۽ وڏن مامرن جا ڪارڻ هوندا آهن. مثال طور سندس ساڳي ڪهاڻي ’سج سوا نيزي تي‘ ۾ انور جو هي ڊائلاگ بہ پنهنجي وجود ۾ وڏي معني رکندڙ آهي:- اڙي تہ، مٽي جو يا پيٽ جو سور بہ ڪا بيماري آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

— ٻيو نہ تہ، انهن ننڍين ننڍين سورن مان ئي تہ، وڏا وڏا سور سامائجا آهن. مواد ڪرافٽ جي ڪاريگريءَ ۽ چرڪائيندڙ ڪلائمڪس جي خيال کان "ڪپيل هٿ" انور جي بهترين ڪهاڻي آهي. هن خوبصورت ڪهاڻيءَ جي اڻت ۾ انور نهايت ذهانت سان پڙهندڙن کي سنڌ جي تاريخي ماڳن، ڪلچر ۽ ٻولي ڏانهن aware ڪيو آهي سون ورن ڪارونجهر، روپلو ڪولهي، شاهه عنايت شهيد، ڄام نظام، دولهه دريا خان، ويرا واهه، شاهه شجاع، ٺٽو، ساموئي جو قبرستان، مائي مڪليءَ جي قبر ۽ ٻيا اهڙا مقام، انور هڪ نقطو اڀارڻ جي خيال سان ڏاڍي پلاننگ سان اسان کي گهمائي، هڪ اهم انڪشاف ڪيو آهي. انهن سڀني تاريخي هنڌن ۽ ماڳن جو شعور ڏيندي انور هن ڪهاڻيءَ جي ڪلائيمڪس تي اسان کان چرڪ ڪيرائي وڏا آهن. ابول! پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندي اسين ايڏا 'آن سيڪيور'، ايڏا غير محفوظ. مان هتي ان ڪهاڻيءَ جي 'پنچ لائن' ٻڌائي ڪهاڻي جو تاثر گهٽائڻ نٿو چاهيان. ڪاش، توهان انور جي ڪهاڻين مان بهترين اهائي ڪهاڻي پڙهو، جيئن انور جي ڪهاڻي لکڻ جو مقصد شروع ۾ ئي اوهان تي واضع ٿي وڃي. ڪافڪا جو خيال آهي تہ، هن جي هر ڪهاڻي ۾ هڪ اهڙي سچائي موجود آهي. جنهن کي پڙهندڙ کي خود 'ڊسڪور' ڪرڻ کپي. انور جي ڪهاڻين مان بہ اسان کي اهو ئي پتو پوي ٿو تہ، هن وٽ چوڻ لاءِ نہ فقط هڪ مقصد آهي، پر ان مقصد کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ پرزور ڏانءُ بہ آهي.

انور جي ڪجهه ڪهاڻين ۾ سفرنامي 'ٽچ' بہ آهي. مثال طور 'حور' ۽ 'آب واري جي ڳالهه'، ڪاغان ۽ بالاڪوٽ جي سير سان گڏوگڏ سير دوران پيش ايندڙ ڏچي ڳالهين جا چيندڙ تاثر بہ آهن. انور جي ڪهاڻي 'حور' خاص ڪري شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي 'بکي سونهن' ۽ "ڪاڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنايو. تقرير ڇا هئي! رڳو مڪالما. تقرير پڙهندي سوچم: هي شخص ته ڊرامي جو ماڻهو ٿو لڳي. هوند ريڊيو لاءِ ڊراما لکي ته هڪ بهتر ڊرامه نگار به ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ پوءِ ٿيو به ائين، منهنجي رڪمينسڊ تي هن ريڊيو لاءِ ڊراما لکيا ۽ هاڻي ته هو ريڊيو ۽ اسٽيج لاءِ ايترا ڊراما لکي چڪو آهي جو، هوند انهن جو مجموعو الڳ ڇپرائجي ته ادب جي ان صنف ۾ به، وڏو واڌارو ٿي سگهي ٿو.

ڊرامو اسٽيج لاءِ هجي يا ريڊيو لاءِ.... انور وٽ نج سنڌي ماحول جون عوامي ڪهاڻيون ئي انهن جا موضوع هوندا آهن. انهيءَ پس منظر ۾ مان انور کي سنڌس همعصرن ۾، سنڌي ڪهاڻي جو هڪ معتبر نالو به سمجهان ٿو ۽ مستقبل ۾، هن مان اڃان به بهتر ۽ بهترين ڪهاڻين جي توقع رکندي دعا به گهران پيو ته: سنڌي ڪهاڻيءَ جي جاري ئي انور بلوچ جي نالي وارو هي جيڪو ڏيئو روشن ٿيو آهي، سنڌي ادب جي ايوان ۾ شال سدائين روشنيون پکيڙيندو رهي.

حيدرآباد
28.7.91

نصير مرزا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ويندڙ وهي لهندڙ سج

ڇهن مهينن کان موت جي پاڇاري تي سمهي سمهي، سندس پٺي ۽ پاسن ۾ چٺا پئجي ويا هئا ۽ هاڻي ته سندس همت به جواب ڏيڻي ونئي. ”لڳي ٿو ته ڪونه بچندو“ ڪيس پڇڻ لاءِ آيل مهمانن مان هڪ ڄڻي ٻاهر ويندي چيو.

”ها يار بيماريءَ ماڙس ڪي ڪائي ڇڏيو“

”ڇا ته جوان هئو، سرڪاري نوڪر، پراڻي بدگيري، پر پانيان ٿو وس پڄندي ڪنهن سان به ڪونه ڦٽايائين“. هو ڳالهيون ڪندا ٻاهر هليا ويا ۽ هن محسوس ڪيو ڇڻ ته موت جي ڪنڌي تي ويٺو هجي. لڳس ”درياءَ جي ڇولي جيان ڪانه ڪا تيز لهر اوچتو ئي اوچتو ڪيس پاڻ سان گڏ ڪڻي ويندي“.

سور کان تنگ ٿي، هن ڪٽ جي پيرن کان ويهي، ڪيس پيڙون ڏيندڙ زال ڏي ڏٺو. جيڪا مهمانن جي وڃڻ کان پوءِ ڪمري ۾ آئي هئي.

”پاسيرو ڪيانءِ“ جوئنهس ڪانئس پڇيو ۽ هن جي هاڪار تي ڪيس هوريان هوريان ڪري پٺي پاسي تي سمهاريو ”پر ڪيستائين، وري به پاسا سور ڪندا“ هن دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ ڪمزور نظرن سان ڪمري جي ڇت ۾ ڏسندي، پنهنجون يادون گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي... ڪئين سال اڳ واريون ڳالهيون، جڏهن هو اڃان اسڪول ۾ پڙهندو هو.

”توهان جي پٽ کي ٽي بي آ“ هڪ ڏينهن هو پنهنجي ٻن ڪمرن واري گهر جي ڪوٺي ۾ ويٺو هئو جو ڳوٺ جي حڪيم جو آواز ٻڌائين. اڇي ڏاڙهيءَ وارو حڪيم، هن جي

ٽڏو ساهه...

”بابا_ بابا“- ويجهو ويجهو هڪ چاتل سڄاتل آواز ٻڌي هن زور ڏئي اکيون کوليون ۽ ڏنڊ واري ڪمري ۾ گهر جي ڀاتين ۽ ٻين مٽن ڪي پنهنجي چوڌاري ٻيٺل ۽ ويٺل ڏٺو.

سندس ”مڻ“، مٿو ٻڌيو، ڪٽ تي ويٺي قرآن پڙهي رهي هئي. گهڻو روئڻ ڪري سندس اکيون سڄي پيون هيون. هن جون ٽيئي ڌيئر، ڪٽ جي پير وٽيو وات ۾ ڪپڙو ڏئي روئي رهيون هيون.

”بابا.... بابا...“ آواز تي هو صرف پنهنجون اکيون ڦيرائي سگهيو. سندس نندي ڌيءُ ڪيس سڏي رهي هئي. پر سڏڪن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به چئي نه سگهي. هو سوچڻ لڳو...

”هي ڇو پيون روئن...... ڇا.... ڇا.... مان سچ پچ مري ويو آهيان“.

....

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سستو رت ۽ مهانگو پئسو

ويهہ سال کن اڳ، هن هڪ ميڊيڪل اسٽور واري کان جنسي طاقت اڀارڻ واريون ٽڪيون گهريون تہ دوڪاندار، دوا ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو هوس،

”تون جوان مڙس آهين تہ توهہ قدرت، هن دوا کان بہ وڌيڪ سگهہ رکي آ- هونئن بہ اهڙيون دوائون واپرائڻ سان تنهنجي پيري سٺي نہ گذرندي“.

.... .... ....

ويهہ سال پوءِ، ٻئي ڏينهن اڳ هن هڪ ميڊيڪل اسٽور واري کان نشو ڏياريندڙ دوا گهري تہ نوجوان دوڪاندار، مرڪندڙ اکين سان کيس ڏسندي چيو هئو

”دوا جي قيمت کان پنج روپيہ وڌيڪ لڳندي چئين تہ ڏيانءِ“.

— — —

هو سوچڻ لڳو- ڇا ماڻهو جو مُلهہ ڪري پيو آ يا .... ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طرف هلي وئي. اٺون ڏپ ڪري گهڻي دير تائين ائين ئي پيو رهيس ۽ پوءِ اکين تي پٽي بدلائي لاهي ڏٺم ته ڪيماڙي ڏي وينديڙ رستي تي، نيٺي جيٺي واري پل تي پيو هوس.

.... .... ....

اکين جي پٽي ڪاڻ ڪري، جيستائين روشني بحال ٿئي، مونکي هرطرف اونده لڳي زبان مان نڪتو.

”رات ڏاڍي ڪاري آ“ ۽ وري به پاڻ کي پاڻ ئي چيم.

”واقعي رات ڏاڍي ڪاري آ“

.... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# عشق ۽ بک

”عشق تہ خود خدا بہ ڪيو آ- آدم کان احمدؔ تائين، عُشق ڏي عشق هيو، عشق ولين جي معراج آ ۽ عشق تي يقين نہ رکندڙ کي مان خدا جي وجود کان بہ انڪاري سمجهندس“.

هو اسان جي ڪلاس جو پروفيسر هئو ۽ عشق بابت هڪ بيت جي سمجهاڻي ڏيندي، ڳالهائي رهيو هئو. اسان سڀ چپ چاپ ڪيس ڏسي رهيا هئاسين. اُٺين هڪ ڇوڪرو اٿي بيٺو. هو عشق کي هميشہ هٿ ناٿ سمجهندو هئو.

”پر اڄوڪي دور ۾......“ اسان جي دوست اڃان چپ ڏي مس کوليا تہ پروفيسر سندس ڳالهہ ڪٽي ڇڏيو.

”ڪوبہ فرق ڪونہ ٿو پوي. اڄ هجي يا صبحاڻي، عشق ابد کان وٺي ازل تائين آهي ۽ رهندو“.

”پر وقت سان گڏ هن جي قدر قيمت ۾ تہ فرق اچي سگهي ٿو نہ“. اسان جو دوست ضديرو هئو.

”نہ بابا نہ. عشق اَملهہ آهي، جنهن جي ڪابہ قيمت ڪانهي“.

”سائين چوندا آهن تہ ڪنهن وقت ۾ ماڻهو پنهنجي محبوبائن کي خطن ۾ گل وجهي موڪليندا هئا“. اسان جي دوست پڇيو.

”ها، نہ صرف موڪليندا هئا. پر موڪليندا بہ آهن ۽ اهي سندن عشق جا اڏما ۽ پيار، وفا جو اظهار آ“.

”واقعي.... اهي عشق جا اَڏما اڄ بہ آهن“. اسان جي ساٿي، اسان ڏي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو. ”پٽي ڏينهن ٿيندا مونکي


Scanned with CamScanner

بينڪ مان پنجن سون جو هڪ اهڙو نوٽ مليو جنهن تي ڪونٽر سان گلاب جي گل جون پتيون چنبڙيل هيون ۽ هيٺان لکيل هئو ”شهزادي لاءِ“....“. عشق جو اکيون ڀڏي اسان سڀ ڪلاسي مرڪڻ لڳاسين پر پروفيسر پنهنجي نرڙ تي آيل پگهر اگهي، چڙ مان چيو:

”تون پيٽ جي بک کي عشق سان ڀيٽڻ ٿو چاهين ڇا؟“ ۽ پوءِ اسان سيني ڏسي، هوريان پڙڪيو:

”پيٽ جي بک، عشق کان به اڳانگي آ بلڪل تمام اڳانگي“.

.... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيخون ڪري ڪپڙا ڦاڙيندي، رئندي رڙندي ۽ وار پٽيندي هئي ۽ ڊاڪٽر ڪيس ننڊ جون سيون هڻي ڇڏيندا هئا.

.... .... ....

هسٽيريا جي پوندڙ جنوني دورن، مهرو جي حالت ڇرين جهڙي ڪري وڌي، گهر وارا ساڻس ڳالهائڻ کان لنوائيندا هئا ۽ هوءَ سارو وقت خار کائيندڙ نظرن سان هڪ هڪ کي ڏسندي رهندي هئي.

”مائي مان ته چوان ٿي تنهنجي ڌيءُ تي جن جو پاڇو پيو آ“ هڪ ڏينهن مهرو ٻڌو- سندس حيدرآباد واري ماسي، ماڻس کي چئي رهي هئي. ”منهنجي مڃين ته ڪيس ڪنهن پير جي درگاهه تي وٺي وڃي ڇونڪ راتين جو ٽڪي اچ“ پر ماڻس مرڪي ڏنو- هنڪان مهرو جو مرض ڳجهو ڪونه هئو ۽ ائين ڏيٺس جو هر روز بيهوش ٿيڻ ڇڻ ته معمول ٻڻجي ويو.

”وارو ڪيو- ڇوڪري تي دورو پيو آ“ ڪنهن نه ڪنهن مهل گهر جو ڪو ڀاتي رڙ ڪندو هئو ۽ سڄي آڪهه ويل ۾ پئجي ويندي هئي. ڪو سندس هٿ پير مهٽيندو هو ته ڪو وري سرهي واري سرائي سان سندس ڏندڻ ڀڃڻ جي ڪوشش ڪندو هئو. ڏاڏي پوڙهي ته سدائين صلواتون پڙهي مٿس شوڪاريندي رهندي هئي.

.... .... ....

مهرو جو هاڻي آخري سهارو، جاني جو سات هو. جاني توڙي ڪٿي شادي ڪري ڇڏي هئي پر مهرو، دوستي جي ناتي ٿي، پر پوءِ به هن جي ويجهو رهڻ ٿي چاهيو ۽ ان لاءِ هن لڄ، حيا ۽ شرم جون مڙيئي ڀتيون ڀڃي ڦٽو ڪيون هيون.

”توکي ايترو حيا به ڪونه ٿيو جو پنهنجي ابي ڏاڏي ڏي ڏسين“ جاني سان ملڻ واري ڳالهه ٻڌي جيئن ئي ڏاڏي پوڙهي مهرو کي رهڙ ڏني ته ماٺ هن به ڪونه ڪئي.

”منهنجي وڏن مون لاءِ ڇا ڪيو آ“-

چرڪ ڀرڻ ڪري هيٺ ڪري پئي. ڪراڙي ڪاوڙ مان مهرو ڪي منهن وارو چنبو هڻي چوڻ لڳي.

”لڪ ناالت ٿئي باهه وٺي. اهو سڄو ئي ٻه نه سهي سگهيس. اڌ عمر ۾ ڪارو منهن ڪندي، اڇي ڏاڙهي واري پيءُ ڏي ٻه نه ڏنئي.... ان کان ته ديهان ٻڪ ٿانڊن جو ڀاڻ ڪري وجهين هان.“ ڏاڏي پوڙهي خبر ناهي الائي ڪهڙيون گاريون ڏيندي پنهنجي جاءِ تان اٿي وئي، پر مهرو تي ان جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. هن جي منهن تي سڪون جي جهلڪ هئي. هوءَ خوش هئي ڇو ته وات کولي، هن پنهنجي حق حاصل ڪرڻ واري راهه ۾ آيل ڪل ديوارون ڪيرائي ڇڏيون هيون.

.... .... ....


Scanned with CamScanner

# پنهنجي ڳولا

شهباز بلڊنگ جي ٻي ماڙ تي ويندي، مون ڪيس وچ واري ڏاڪڻ تي بيٺل ڏٺو. اڌڙوٽ عمر. شايد ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ يا پٽيوالو. فائيلن جو بنڊل بغل ۾ هنيون، هو ڀت تي لڳل، سنڌ جو نقشو ڏسي رهيو هئو. مان بي خياليءَ ۾ مٿي هليو ويس.

اٽڪل ڏهن منٽن ڪلاڪ پوءِ واپس موٽندي، مون ڪيس وري به اتي ئي ڏٺو ۽ الائي ڇو سندس پرسان هليو ويس.

”ڀاڄو ڪير آهين؟“ منهنجي پڇڻ تي هن مون ڏي ڏٺو ۽ رڪي لهجي ۾ چيائين.

”سنڌي آهيان.“

”اهو ته مان به ڏسان پيو پر سويل ڪان هتي بيٺو ڇا پيو ڪرين؟“ مون ائين ئي غير ارادي طور سنڌ جي نقشي ڏي ڏسندي پڇيو.

”مان“ هو چوڻ لڳو ”مان سنڌ ۾ پاڻ کي ڳولهي رهيو آهيان“ ۽ ڏٺم، سندس اکيون هڪ ڀيرو وري به نقشي ۾ کُپي ويون.

.... .... ....

”ٻڪ ٻيمان ڪيو آ نہ تہ اڳ ۾ تہ ڪڏهن بہ ائين ڪونہ سوچيو اٿم.“

.... .... ....

ڊنگن ۾ ڪٿي ست بہ ڪونہ هوس پر پوءِ بہ هن وقت کان اڳ گهر پهچڻ جي ڪئي. سندس ٻنهي پاسي وڏا وڏا بنگلا هئا. هلندي هلندي ڏٺائين- هڪ بنگلي جو در کليو. پاروٿن چانورن جي وڏي پليٽ ۽ ماني جا ڪجھ ٽڪر، پيٽ جي اوٽ ۾ اڇي ڪرياءِ ماني ڏسي هڪ رولو ڪتو ڊوڙندو اچي چانور کائڻ لڳو- هو تکو تکو اڳتي وڌيو.

”ڪر“ هن ڪتي کي هڪلڻ لاءِ رڙ ڏني.

”تنهنجو کهڙو ڏوهہ ڪيو اٿائين جو تڙينس پيو.“ ڪنهن جي آواز تي لوٽو هٽي ڏٺائين، پر ماڻهو سندس پويان پويان اچي رهيا هئا.

”ڇڏ تہ ساهي کائي پيٽ ڀري- تو کي ڪٿس تہ ڪونہ ٿي لڳي نہ“ همراهہ اڳتي وڌي ويا، هو هڪي ٻڪي بيهي رهيو ۽ ڇڻ ۾ پڪو ڪيائين.

”هنن کي ڇا ٻڌايان تہ ڪتي کي هڪلي، اهي چانور مان پاڻ کڻندس.“

.... .... ....

ٻنهي جي وس کان ٻاهر هئو، ان ڪري هو مدد لاءِ، ٻيڙيءَ جي ٻاچل تي ويٺل همراهه ڏي ڏسڻ لڳا. سنڌي صاحبلوڪ جي زبردست پوڙهي جي مجبوريءَ کي تاڙي ورتو ۽ اڳتي وڌي آيو.

”چاچا- مان ٻه همراهي ڪرايان.“ سنڌي صاحب ائين ٿي خوش مزاجي مان چيو ته پوڙهي ملاح مرڪي ڏنو—

”اڙي صاحب، اسان جي عيبن ڏي ڏسي نه ڏس.“ هن شايد اها ٺوڪ سمجهي هئي.

”نه چاچا— مون واقعي اوهان جي مدد ڪرڻ پئي چاهي.“

”تنهنجي مهرباني ابا— هاڻي ته ڪم ٿي ويو-“

سڙهه چاڙهڻ کان پوءِ ٻيڙيءَ جي رفتار وڌي ويئي ۽ پوڙهو ملاح، رسو سنڀالي، ٻيڙي جو رخ سڌو رکندو آيو.

”چاچا— سڙهه چاڙهڻ واقعي ڏکئي جو ڪم آ.“

”ڀر چيا ڪجي پٽ— بکئي پيٽ لاءِ پٿر ٽڪڻ به چڱي ڪجهه ناهي.“

پوڙهي جو پيٽ پٺيءَ سان لڳل هئو- هو چوڻ لڳو، ”ماني ڳڀي لاءِ، عمر گذري آ انهن لهرن سان لڙهندي- ڪڏهن هيٺ ڪڏهن مٿي، ڪوهه جي ڏيڏر جيان، اسان جو ته يار سڀ ڪجهه سنڌو جو پيٽ آ.......“

”پٽ ته هوندئي نه.“

”نه ابا“ پوڙهي کان ٿڌو ساهه نڪري ويو.

”شادي ڪونه ڪيئي ڇا؟“ سنڌي صاحب پڇيو.

”ڪئي هئم“ پوڙهو ملاح، اڌ صدي اڳ واري ماضي ڏي هليو ويو. ”ڀاڳل منهنجي لاءِ ڀاڳ ٻڌجي آئي هئي.... جهڙو رزق، تهڙو اولاد- رَبّ ڪئي ويندا هئاسين ته منجهند کان اڳ ڏي مڇيءَ جي ٻيڙي ڀري موٽيس....“ پوڙهي ٿڌو ساهه کنيو. ”وڏي نصيب واري هئي ڀاڳل- ٻه پٽ ڄڻي ڏنائين

”ڇا ٿيو.“ هڪ پرڏيهي مهمان، هنن ٻنهي کي ڳالهائيندو ڏسي پڇيو.

”توهان جي ’ڊاڪٽر‘ هئڻ جو ٻڌي، هي اوهان کي پنهنجي مڙس جي علاج لاءِ چئي رهي آهي.“

”پر آئون دوائن وارو ڊاڪٽر تہ ناهيان -“ پرڏيهي مهمان چيو، ”توهان هن کي ٻڌايو تہ مان تاريخ جي علم جو ڊاڪٽر آهيان“ ۽ پوءِ ڇوڪريءَ ڏي ڏسي چوڻ لڳو.

”معاف ڪجو- مان اوهان جي ڪابہ مدد نٿو ڪري سگهان.“

”هي دوائن جو نہ پر علم جو ڊاڪٽر آ“ سنڌي صاحب پوڙهي ملاح جي جوان زال کي چيو ۽ اڳتي وڌي ويو- ڇوڪري ويڳاڻن جيان ڪين پٺيرو ويندي ڏسندي رهي.

”ستيءَ جي ٿان“ ڏانهن ويندي پرڏيهي مهمان، پنهنجي ميزبان کي چيو.

”توهان سچ چيو هئو سر تہ، سنڌي عورت جو پيار صرف ۽ صرف پنهنجي ور لاءِ آ.“

.... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مان ستن ضلعن جو صاحب نه پر بي وس، لاچار ۽ مجبور شخص آهيان مومل، جنهن جي هٿ ۾ ڪجھ به ناهي ڪجھ به نه“.

”تون هرويرو نٿائين ٿو- ڇو ته مونکي خبر آ ته تنهن جي انتظام هيٺ آيل علائقن ۾ صرف ۽ صرف تنهنجو حڪم هلندو آ“

”پر هي ڪم منهنجي هر حڪم کان مٿانهون آ“

”ڇا؟“ مومل کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها مومل ها- ستن ضلعن جو صاحب هوندي به سپي جو اهو ڪم ڪرڻ منهن جي طاقت ۽ اختيار کان ٻاهر آ- تون ائين سمجھ ته مان اهو روندبو شخص آهيان جنهن جا ٻئي هٿ ڪپيل آهن“.

”سپي جو انگل پورو ڪرڻ لاءِ تنهنجا ٻئي هٿ ڪپيل آهن“ مومل عجب مان ڇيو

”ها“

مون وراڻيو.

”پر سپي توسان آخر ڪهڙو انگل ڪيو آ.... جيڪو پورو ڪندين تون ڪپيل هٿن سان؛ بيوس ۽ لاچار ٿي پيو آهين“.

”سپي ضد ڪيو آ مومل ته مان....

.... ته مان ڪيس هوشو شيدي جي قبر ڏيکاريان“ مون هٻڪندي ڇيو.

”هائي تون ٿي ٻڌائي ته مان ڇا ڪيان“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بي غيرت

لالا نوروز خان، ملڪ مشتاق، عمران ڀائي ۽ مان، هڪ ئي آفيس ۾ ڪم ڪندا، گڏ رهندا ۽ گڏ گهمندا هئاسين. ڪالهه شام جو اسان چوڪ واري هوٽل اڳيان، ڇپر جي لان تي ڪرسيون رکي، چانهن پئي پيتي ته ڪنهن هٿ ٽنگي قومي ٻولي ۾ سوال ڪيو،

”سائين. الله جي نالي روپيو ڏي“ ڪنڌ ڪئي ڏٺم سانوري رنگ ۽ موچاري شڪل واري ويهن ٻاويهن سالن جي نينگري سنهو ٻيري وارو چولو، ڇيٽ جي سٿڻ، ڦاٽل اجرڪ مٿي تي ۽ سال ڏيڍ جو ٻچڙو ٻار هنج ۾. هيڏي شڪل وارو ابهم، سندس چولي جي ٻري مان نڪتل ٿڻ چوسي رهيو هو. لڳو ٿي ته چڻ هو باقي ٻئن ڏينهن جي مهمان هجي.

”سائين الله جي نالي روپيو ڏي“ هوءَ ليلائڻ لڳي.

”يار. پاڪستان ڏاڍي ترقي ڪئي آ“

”ها. رام تيري گنگا ميلي“ جو سين آ، ملڪ مشتاق انڊين فلمن جو شوقين هو.

”واقعي ملڪ صاحب. هيءَ ته منداڪني کي به ماري وئي“

”ادا. الله جي نالي ......، پلا اٺ آنا ڏيو“ هن وري به ٻاڏايو.

”ٻڌئي لالا. هتي اينديون ته هر روز اهڙا ٻنا سنسر ٿيل سين ڏسنديون“ ڇوڪري جو آواز چڻ ڪنهن به نه ٻڌو ”قسم سان ته ڪوهاٽ به وسري ويندئي“ ڪراچي مان آيل عمران ڀائي چيو.

”ادا تون ته سٺڙي آن - پوءِ به اٺين پيو چوين“ سندس ڳالهه ٻڌي آئون ڏاڍو شڪي ٿيس- ڪنڌ جهڪي ويس، سوچيم، ڏرني ڦاٽي ته ان ۾ غرق ٿي وڃان - هن هٿ جي پٺيءَ سان پنهنجا ڳوڙها اگهيا ۽ خيرات وٺڻ بنا واپس ويندي چوڻ لڳي.

”توتي ميار ڪونهي ڀاءُ - چو ته تون به انهن سان گڏ ويٺو آن“ ۽ مونکي لڳو، واقعي مون جهڙو بي غيرت ٻيو ڪير به ڪونهي.


Scanned with CamScanner

ڏني ويو آ".

"اها اسان جي غلطي هئي ۽ سمجهه ته ايترن ڏينهن جو پڳهار آڏون توکي پنهنجي ڪيسي مان پيو ڏيان".

"سر" ماجو ڪجهه چوڻ چاهيو پر گنجي صاحب سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو:

"هتي ڪيترا اهڙا قوم پرست آفيسر آهن جيڪي تنهنجي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ آڏون انهن مان ناهيان."

ماجو سمجهي ويو ته سندس ڏوهه ڪهڙو آ. هن وري به ڪجهه چوڻ لاءِ وات کوليو پر پوڙهي آفيسر منهن ڦٽائي چيو:

"آءِ ايم ساري مسٽر ماجد. آڏون تنهن جي ڪابه مدد نه ٿو ڪري سگهان. هونئن به هن جاءِ تي ان ڏٽڙيل جو وڌيڪ حق آ، جنهن توکان وڌيڪ قربانيون ڏنيون هجن".

"معنيٰ ته هن جاءِ تي ان جو وڌيڪ حق آ، جيڪو بنگال، بهار يا يو- پي جو هجي". ماجو دل ئي دل ۾ چيو ۽ ٻاهر نڪري ويو.

.... .... .... ....

نوڪري ڪسجڻ ڪري، ماجو جو اندر چيهون چيهون ٿي پيو. هن جا سپ خواب وکري ويا. جنهن مستقبل بابت سوچي هو پيٽ کي هٿ ڏئي اڳتي وڌيو، اهو آئيندو اونداهي ڪُنڊ جيان، وات پٽي ڪاڏهن اچي رهيو هو.

"همت نه هار- ڏکيا ڏينهن سدائين نه هوندا آهن" ماجو کي پريشان ڏسي سندس زال کيس چيو، پر هن جون ته چڙهي هڙدي والون وڃائجي ويون هيون.

"منهن جي لاءِ ان کان سواءِ ٻي ڪابه واهه ڪانهي ته پنهن جي جيئڻ لاءِ ٻئي جو جيون ڀوهه ڪيان" هن سوچيو "آڏون به ٻين وانگر غلط ڪم ڪندس".

"تون ڪوبه غلط ڪم ڪونه ڪندين" چڻ ماجو جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي ڪم پسند نه هئا. ”تو وٽ سچائي ۽ ايمانداري هئي، پيار محبت، قرب هو- ٻئي جو ڏک ڏسي تون روئي ڏيندو هئين- پر اڄ تون پرايا ٻچا ڪُهي رهيو آن.... صرف پئسي ڪاڻ تو پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي ڇڏيو لالا- سڀ ڪجهه....!“ ڳالهائيندي ڳالهائيندي سندس زال ڏڪاري ٿي وئي.

”منهنجي محنت، ايمانداري ۽ سچائي مون کي بک بيروزگاري ۽ بدحالي کان سواء ڪجهه نه ڏنو- اسان سٺيي ڳيي لاء سڪندا هئاسين- مونکي گهرڻ پويان به پنهنجو حق ڪونه مليو- پر اڄ مون کي اهڙي ڪنهن به شيء جي ضرورت ناهي، ڇو ته مون وٽ پئسو آ- پئسو جيڪو اڄوڪي دور جي انسان جو ايمان آ“.

”تون پئسي سان سڀ ڪجهه ڳنهي سگهين ٿو لالا، پر سک نه ٿو وٺي سگهين“ سندس زال ٺهه پهه چيو ”مون کي خبر آ ته ڏوهه ڪرڻ کان پوء تنهنجي ننڊ ڦٽي ويندي آ. تون اڌ اڌ رات ڪٽ تي پاسا ورائيندو رهندو آن- ڇو.... توکي ان وقت پئسي ملڻ جي خوشي ڇونه ٿيندي آ“ ڳالهه ٻڌي ماجو جون اکيون پٽجي ويون- سندس زال سچ چئي رهي هئي- ڇوته ڏوهه ڪري اچڻ کان پوء هو ڪڏهن به سک سان نه ستو هو- ننڊ لاء، هن ڪيترا پيرا ننڊ جون گوريون به کاڌيون پر پوائڻن خوابن کيس هڪ پل به آرام نه ڏنو- هن کي ڪيئن دفعا پٽ جو خيال ايندو هو- جيڪو هاڻ اسڪول به وڃڻ لڳو هو.

”مون وٽ ايترو ڪجهه آهي جو، پنهنجو ڪو ڌنڌو ڪري، عزت واري زندگي گهاري سگهان ٿو- پوء ائين هٿ ڪٽڻ ۽ هٿ وڃهڻ جي ڪهڙي ضرورت“. ماجو فيصلو ڪيو ته هو وري اهو ڪم نه ڪندو- پر پئسي جي لالچ، هر وار سندس دل ۽ ضمير جي فيصلي تي ڇانئجي ويندي هئي.

”هي آخري پيرو آ- اڳتي آئون ڪوبه ڏوهه نه ڪندس“ هو پاڻمرادو چوندو هو ”آئون حيدرآباد ڇڏي، لاهور يا ڪنهن

چپ چاپ، ۽ لڳو ڄڻ ڪيئن سال گذري ويا هجن. اوچتو ئي اوچتو ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪلاشنڪوف جا ٻٽي برسٽ لڳا. ٻٽي ٻار ڇرڪ ڀري اٿيا ۽ ڏاڏي کي چنبڙي پيا.

”ڏاڏي. آدم بو وارا اچي ويا“ سڀئي چيو. پر پوڙهي عورت ڏٺو، ننڍڙي ڪوڏ جي اکين ۾، سندس ڌرتي جي دشمن ڌارين لاءِ اڻ کٽ نفرت هئي.

# حور

ٻاويهن ٽيويهن سالن جو هي نوجوان آفيسر اتان جو وينل هو ۽ اتي ئي نوڪري ڀئي ڪيائين. اسان جي هن ٽوئر جو بندوبست به سندس ذمي هو. صبح جو اسان جي ٽيم هن سان گڏ ڪاغان کان ڏهه ميل ٻاهر، ڪنهار نديءَ جي ڪپ تي هڪ پروجيڪٽ ڏسڻ وئي. ڪنهار ندي، جابلو علائقن مان شيشي جيان شفاف، برف جو پاڻي کڻي، گڙهي حبيب‌الله کان هيٺ، جهلم نديءَ ۾ اچي ڇوڙ ڪندي آهي. پٿريلي علائقن مان وهڻ ڪري، پاڻي ايترو ته صاف هوندو آهي جو دنيا جي بهترين مڇي "ٽراؤٽ" به منجهس ترندي ڏسبي. پاڪستان ۾ "ٽراؤٽ مڇي" صرف برف واري پاڻي ۾ وڌي. هلندي هلندي نوجوان آفيسر چيو: "توڙي ڪٿي هي پوئتي پيل علائقا آهن، پر هتي نه ته بک ۽ بدحالي آ ۽ نه ئي وري ٻيون سماجي برايون. اسان جو ماڻهو پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي ٻاڙيندو آ ۽ هن پنهنجي غرض لاءِ ڪڏهن به خود داري نه ڇڏي آ.... آسمانن واري جنت ته صرف ٻڌي آ. پر پوءِ به اسان ڀاڳن وارا آهيون، جو هن بهشت جهڙي علائقي ۾ رهون ٿا. جتي نه ته دهشت گردن جو دپ آ ۽ نه ئي وري بم گولا ۽ بارود."

سندس ڳالهه ٻڌي، پنجاهه سٺ قدم پريان، ڪنهار جي ڪپ تي، هڪ جهڳيءَ جي در تي ويٺل سترهن ارڙهن سالن جي سهڻي ڇوڪري ڏسي، ٽيم جي هڪ ساٿي چيو:

"سائين. پوءِ هتي حورون به هونديون"

ساٿي ڇوڪري ڏسي، هن برو مڃڻ بجاءِ انگريزي ۾ چيو:

"ڇو نه. هو ڏس. هوءَ به ته هڪ حور آهي" پر ان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳ جو اسان ڪجهه وڌيڪ چئون، اها سهڻي ڇوڪري، ٽڪڙي ٽڪڙي پنڙي ڏي اچڻ لڳي، هن رستي تي راند ڪيڏندڙ ٻارن کي جلدي ۾ ڪجهه ڇيو ۽ پاڻ به ٻڪيا وٺڻ لاءِ، اسان جي اکيان هٿ ٽنگي، هندڪو ٻولي ۾ چوڻ لڳي:

”صاحب. الله جي نانءُ تي ڏيو. صاحب. اسان غريب آهيون. اسان جي مدد ڪيو. صاحب خدا لڳ......“ منهنجي پيرن ۾ ڇڻ ته ڪنهن ’ونگ‘ وجهي ڇڏيا. ڇو ته مون پنهنجي زندگي ۾ پهريون ڀيرو ٻڪ وچان جنت جي هڪ حور کي پنندي ڏٺو هو.

”ننڍي لاڪون بابا وارن مون کي منهنجي سوٽ جي نالي ڪري ڇڏيو هو“.

”ته ڇا تون اتي شادي ڪرڻ چاهين ٿي“ راهول، عائشه جي ڳالهه ڪٽي.

”مون اڃان ڪوبه فيصلو ڪونه ڪيو آ“.

”عائشه جيڪڏهن تون.... منهنجو مطلب آ.... تون جي چاهين ته.... مان....“ ان ڪان وڌيڪ هو ڪجهه به چئي نه سگهيو.

”ته ڇا توهان به“.

”ها عائشه. منهنجي شادي به ڪونه ٿي آ“ راهول چوڻ لڳو ”بابا جن سدائين سنڌي عورت جي وفا جون ڳالهيون ڪندا رهندا آهن ۽ مون به فيصلو ڪيو هو ته ڪنهن سنڌياڻي سان ٿي شادي ڪندس“ عائشه مرڪندي ڪيس ڏسڻ لڳي ”ها. عائشه توکان پڇڻ بنا مون بابا وارن سان تنهنجي باري ۾ ڳالهايو هو ۽ هنن مون کي پنهنجي طرفان موڪل ڏئي ڇڏي آ.... ڇا.... ڇا تون مون سان شادي ڪندينءَ“ راهول پڇيو.

”ته ڇا مون ڪانسواءِ ٻي ڪا سنڌي عورت ڪانهي“.

”پر مون ته رڳو توکي ڏٺو آ.... ۽ مون کي ٻڌاءِ ته ڇا تون مونسان شادي ڪندينءَ“.

”ڇا اهو ضروري آ ته مان توکي اها ورندي هن مهل ڏيان“.

”ها. ڇو ته صبح جو منهنجي فلائيٽ آ“

”ته آئون توکي خدا حافظ چوندي ٻڌائيندس“. عائشه کلندي چيو.

”آئون تنهنجو انتظار ڪندس عائشه“.

.... .... ....

شام جو عائشه گهر آئي ته ماءُ کي پنهنجي انتظار ۾ ڏٺائين.

”امان اڄ دير ڪري ڇڏيمي“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آ.“ راهول چيو ۽ عائشه کي هن جي قدمن جا آواز هوريان هوريان پري ٿيندا محسوس ٿيا. هوءَ سڏڪن ۾ پئجي وئي - جيستائين پنهنجون اکيون نه اگهيائين اتي ئي ويٺي رهي. ائين جهاز جي اڏامڻ جو آواز ٿيو ته عائشه محسوس ڪيو.
”سنڌس آءُ هڪ ڀيرو وري به آئي ته هليون ويون هيون“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چريو

هو ڪاليج جي مڙني استادن ۾ هوشيار هو. پر گهڻي ڀاڱي چپ رهڻ ڪري، عام ماڻهن جي خيال ۾ ڪم ڪان ويل. يار دوست اڪثر کيس چريو، موڳو يا ڪريڪ چوندا هئا - هن هر وير و ڪنهن سان به بحث ڪونه ڪيو ۽ جڏهن به واند مليس ته لائبريري ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڪتاب جا پنا کوليو ويٺو هوندو.

هڪ ڏينهن، چانهن جي ساهي ۾ جڏهن سڀ استاد، ڪامن روم ۾ ويٺا هئا ته هو دانهون ڪندو آيو.

”دنيا جي تاريخ ۾ اهڙو ڦهر نه ڏٺوسين نه ٻڌوسين“

”وري ڪرفيو لڳو ڇا“ هڪ دوست پڇيس.

”يار ڪرفيو به ڪو اهم واقعو آ“

”ته ڪ حڪومت بدلي هوندي“. هڪ ٻئي استاد پنهنجي راءِ ڏني.

”ائين نه ڪشميرين سان ٿيو ۽ نه وري فلسطينن سان“ هن پنهنجي ساٿين سان اتفاق نه ڪيو.

”پر ڇا ٿيو؟“.

”آفريڪا جي شيدين سان به گورن ائين نه ڪيو هوندو“

”ته پوءِ کهڙو اپ ڪريو آ“. هڪ دوست چڙي پيو.

”ميان سنڌ پنج هزار ساله تاريخ ۾ به اڳ ائين نه ٿيو“

”ته ڪ موهن جي دڙي ڪي درياهه پائي ويو“ هڪ دوست جو انومان.

”موهن جي دڙي ۾ بچيو ڪي ڇا هي جو درياهه لوڙهي ويندس“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن اڃا بہ نہ مڃيو.
”ڪٿي رني ڪوٽ جي پٽ تہ نہ پڳي آ“ هو سڀ بيزار ٿي پيا هئا.

هن ٿڌو ساهہ کڻي پنهنجي ساٿين ڏي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو:

”نہ دوستو، رني ڪوٽ جي پٽ ڪونہ پڳي آ ۽ نہ ئي موهن جي دڙي کي درياهہ پاتو آ. پر سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي تاريخ ۾، ڀيريون ڀيرو، سنڌي پنهنجي ڌرتي تي پناهگيرن جيان ڪيمپن ۾ پيا آهن“.

ڳالهہ ٻڌي سندس اڪثر دوستن مُرڪي ڏنو، پر هو هٽ جي پٺي سان اکين ۾ پرجي آيل ڳوڙها اگهڻ لڳو..........
”هونهہ چريو“.

□

”اسان توهان کي شريف سمجهي، پاڙي ۾ رهڻ ڏنو- ان جو مقصد اهو ناهي ته توهان اسان تي روب رکو“ منصوري قومي ٻولي ۾ چيو.

”مان سمجهان ٿو، اسان اهڙو ڪوبه ڪم ڪونه ڪيو آ، جيڪو اوهان جي خلاف هجي.“

بيمار هوندي به جمن دل ٻڌي چيو- پر منصوري ته ڄڻ سهي سنئري جهيڙي لاءِ آيو هو.

”اهڙين ڳالهين جي ضرورت ناهي- تون پاڻ کي سڌار نه ته پوءِ هتي آڏون اڪيلو ڪونه ايندس.“ منصوري، چاڙهي واڙهي، شرٽ جو پلئه مٿي ڪري، وَر ۾ لڳل ٿي تي ماڻوزر ڏيکاريندي چيو ”۽ توکي اها به خبر هجي ته ڪراچي اسان جي آ، توهان جي نه.“

”ڪراچي ڪنهنجي پيءُ جي ناهي- ڪراچي صرف اسان جي آ ۽ جي توهان اڃان نه سڌريئو ته هتي هڪڙو به جيئرو نه رهندو.“ هن، خار مان چيو نڱم وارو رپڙ فرش تي ٽڪيو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو هيٺ لهي ويو- جمن ڪنڌ ورائي ڏٺو، سنڌس سائي ڪمري ۾ هليا ويا هئا- هن هٽ وڏائي دروازو بند ڪيو ته وڏيري وريام جو آواز ٻڌائين.

”هاڻي ته خبر پيئي نه-“

”هلائين ها اتي به ڪامريڊي واريون ڳالهيون ته ڪائين ها ڪلا“ سنڌس سائين چيو ۽ هن ورائيو.

”توهان به ڪهڙو نه مون سان گڏ بيٺا هئيئو.“

”اسان کي ڪهڙو لاچار آ جو هٽ وٺي پنهنجو سر ٻوهي ۾ وجهون.“

”هر ماڻهوءَ جي ڪانه ڪا سڃاڻپ هوندي آ- جيڪڏهن ڪنهن جي سڃاڻپ ناهي ته اهو جيون ڪهڙي ڪم جو-“ جمن چوڻ لڳو ”بي نام يا گمنام ٿي ڪري ماڻهو ڪيترو وقت جيئي سگهندو- ڇا اسان ائين پنهنجي حيثيت ميڄرائي

ڪونه آيو- هن کي صرف ۽ صرف، سندس مٿي تي پيل سنڌي ٽوپي ياد آئي- پاڻ ڇڏائڻ بجاءِ، هن پنهنجا ٻئي هٿ مضبوطي سان پنهنجي ٽوپيءَ ۾ وڌا. هن نٿي چاهيو ته ٽوپي سندس مٿي تان ڪري- ڇو ته اها ئي سنڌي ٽوپي، سندس مان، عزت ۽ سڃاڻپ هئي- هن چاهيو ٿي ته:

”سندس جان وڃي ته ڀلي وڃي پر سندس سڃاڻپ نه وڃي- سنڌي قوم جي سڃاڻپ.“

آهستي آهستي هن جو جسم ستُ ڇڏيندو ويو ۽ هٿن نڪرڻ تي، سندس بي جان لاش ڦهڪو ڪري هيٺ ڪِري پيو. هنن ٽنهي جون اکيون اهو ڏسي ڦاٽي ويون ته جمن جا هٿ اڃان به پنهنجي ٽوپيءَ ۾ هئا.

.... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# آپ واري جي ڳالهه

سرحد پرڳڻي جي پهاڙي شهر بالاڪوٽ کان اڳيان، ناران جي علائقي ۾ تيرهن هزار فوٽ اوچي - مکڙا نالي پهاڙ تي چڙهڻ ته شايد هنن جي سگهيا جو حصو هئو، جو هو سڀ دوست، هڪ ٻئي پويان، هوريان هوريان اڳتي هلي رهيا هئا. هنن کي اڃان ته هزار ڏيڍ فوٽ اوچائي تي وڃڻو هئو، ته ٿڪر واري ڏکي سُهڻي واصف شاهه چيو.

”دوستو اسان ٿوري دير ۾ خدا جي سڀني آسمان تي پهچڻ وارا آهيون“. واصف شاهه، مناري واري معصوم شاهه جي پوٽير مان آهي. شاهه جي ڳالهه ٻڌي، بشير کان رڙ نڪري وئي.

”آهين ته شاهه پر ڪم وري شيطانن وارا“.

”ڇو“؟

”ٻيو نه ته“ بشير چيو ”اهڙو ڪفر ٻڪندي ته خدا جو ڪو خوف ٿيڻي ٿو.“

”اڙي خدا ڪجهه ته نه سمجهيو هوندو“. بشير جي ڳالهه ٻڌي، سنڌي پٺاڻ مهر دل چيو. مهر دل، ايشيا جي، مرچن جي وڏي ۾ وڏي منڊي ڪنري جو وينل هئو. پر هن اڃان پنهنجو جملو ئي پورو نه ڪيو ته بشير پوندو کهروڙي سندس منهن ۾ هنيو.

”هي وري ٻيو لعنتي ڏسو. ڪافر جو ڦر“. لاڙڪاڻي جو بشير، مذهبي لاڙا رکندو هئو، ۽ سندس مامو ملڪ جي وڏي مذهبي جماعت جو اڳواڻ هئو. پر هن جي ڳالهه تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڙڻ بجاءِ، مرڪندڙ منهن واري مهر دل ڇهيو".

"اڙي ته ڪوڙ ٿو چوان ڇا. اها حقيقت آ ته خدا سنڌي نه سمجهندو آ". هن جي بار بار ائين چوڻ تي، سڀ دوست وات ڦاڙي کيس ڏسڻ لڳا، پر ماٺ ڪرڻ بجاءِ هو هوريان هوريان چوڻ لڳو.

"خدا جيڪڏهن سنڌي سمجهي ها ته سنڌ وارن سان هي ويل نه ٿين ها".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ڏک ڪونہ ٿو ٿئي، وڏي ڳالھہ تہ هڏ بہ ڪم ڪن ٿا“. هو اڪثر پنھنجو غم لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو هئو. پر منھن تي وري ويل مايوسين ۾ ڏک جا پاڇا پوءِ بہ ظاهر ٿي پوندا هئس. ڪيترا ڀيرا ٿڌو ساهہ کڻي چيائين:

”صاحب ـ اسان نہ امير آهيون ۽ نہ ئي اهڙي سڌ آ. پنھنجي گھران پيٽ قوت ملي تہ بہ گھڻ آڇا. هوندن بہ اميرن جو تہ سک ئي قتل آ“.

”تون مزدور ماڻھو. تو کي ڪيئن خبر پئي“.

”سائين وڏن ماڻھن کي تہ ڏسون پيا نہ. سارو ڏينھن پئسن ڳڻڻ ۽ لڪائڻ ۾ پورا آهن“ ۽ پوءِ منھنجي ڪن جي پرسان، پنھنجو وات آڻي چوڻ لڳو.

”ڊاڙيل بہ اسان جھڙي کي ڪونہ ڪٽيندا اٿئي“. سندس ڳالھہ ٻڌي مون کلي ڏنو، تہ هن ساهي پٽي چيو ”ٻئن ڏينھن لاءِ مان بہ وڏو ٿيو هوس“.

”اهو وري ڪيئن؟“ مون کي جاڻي جي وڏي ماڻھوءَ ٿيڻ واري ڳالھہ دلچسپي جھڙي لڳي ۽ هو چوڻ لڳو.

”اسان جي چَچَ جي پرسان ٻني هئي. جنھن مان گھڻي تہ ڪارَي ڦٽائي ڇڏي پر پوءِ بہ رهي سهيءَ تہ پيٽ پاليندا هئاسين. هڪ ڏينھن خبر پئي تہ اسان جي پاڙي واري زمين ڪليم ۾ آئي آ. رئيس جي اوطاق تي ڪراچي جا سيٺيون کھي آيا. خبر ناهي وڏيري تي الائي ڪھڙو ٻار پيو. سو منھنجي پيءُ کي گھرائي زمين وڪڻڻ لاءِ چيائين. پر بابي نہ مڃيو“.

”منھنجي ٻچڙن جو گذر بہ تہ اِن ٽڪر تي آ“.

”اڙي تہ تو ڪان ٻئن ٿا ڇا؟“ رئيس کي شايد بابي جو جواب نہ وڻيو. سو رهڙ ڏئي چيائين ”چڱا ماڻھو آهن. ڏس لتاڙي پھتا آهن. روڪڙا پئسا ڏيندا روڪڙا“.

”پر سائين مون کي تہ ٻني کپائڻي ئي ناهي“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چا- هي قانون رڳو غريبن لاءِ ئي آ"-

"معنيٰ ته وڏن صاحبن به ڪجهه نه ڪيو".

"سائين دلاسن جون ته ڍريون ڀڏي ڏنائون- باقي ٿيو آهو، جنهن تي اڄ به پيا روئون".

"چا ٿيو" مون اتاولو ٿي پڇيو-

"اسان جي ننڍي وڇڻ واريءِ ڏينهن، رئيس، سڪان هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس چاڙهي، پر پوليس وٽ پهچڻ کان اڳ ئي سڪان ڪوهه ۾ ٽپو ڏئي پاڻ ماريو".

"چا؟" مون کان ڇرڪ نڪري ويو-

"ها سائين- اسان جون سڪائون، صديون کان اٿين ئي کوهن ۾ ٽپا ڏئي پاڻ ماريندڙيون آيون آهن- ڪڏهن ڏک کان ته ڪڏهن بک کان، ۽ ڪڏهن وري ڪنهن ظالم وڏيري کان پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ هو سدائين پاڻ ٽنگيندڙيون آيون آهن.... اٿين منهنجي سڪان به مري وئي- پر اسان کي به آڌ مٺو ڪري وئي- اڄ رڳو منهن تي مرڪ آ- سور پيٽ لاءِ ڪلي ڪلي پيو وقت گذاريان- نه ته اندر ته اڌ ٿيل آ سائين". هن جو آواز ڳورو ٿيندو ويو- ڪنهن جي ٽاري جيان، ڪا شئي سندس نڙي ۾ قاتل لڳي- ڳالهه ٻڌي مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو پر پوءِ به دل رکندي چيومانس.

"انسانن جا لکيا آسمانن تي ٿيندا آهن جاني- سڪان تنهنجي نصيب ۾ ڪونه هئي يار ...... اٿين ماڻهو ڪيترو وقت ويهندو- منهنجو خيال آ تون شادي ڪري ڇڏ".

"هاڻي ڪهڙيون شاديون صاحب!" منهنجي ڳالهه ٻڌي جاني چوڻ لڳو "جنهن سان جيءَ جون تارون جڙيل هيون، اها ئي نه رهي ته جي چا ڪبو. هاڻي ته پنهنجي شادي قبر سان ئي ٿيندي". پلڪن چنيڻ تي چمڪندڙ ڳوڙها سندس اکين مان هيٺ ڪري پيا ۽ هو منهن تي هٿ ڏيئي ننڍڙف

# ڪامريڊ

هو منهنجو دوست به هو ته ديسي به. ڪافي سياسي چاڻ وارو. خاص ڪري قوم پرستيءَ جي ڳالهين ۾ ڪنهن کي به ٻڏل ڪونه ڏنائين. هن سنڌ کي ڪڏهن دليرن جو ديس ڪري پيش ڪيو ته ڪڏهن وري درويشن جي ڌرتي. ڳالهه اچا نڪتي ئي ناهي ته هو شروع ٿي ويندو هو.

”منهنجي ديس جي مومل، مارئي، سهڻي، سسئي ۽ بختاور اسان جي سڃاڻپ آهن“.

ڪڏهن ته گس ويندي، سهڻي ڇوڪري ڏسي، ڪنهن دوست جيڪڏهن نوڪي ڪئي ته به هو مچرجي ويندو هو.

”سونهن ئي سڀ ڪجهه ناهي دوست، عورت ۾ لڄ، شرم، عزت، آبرو، پيار ۽ وفا هئڻ کپي ۽ اهي سڀ، سنڌي عورت جون ئي خصلتون آهن“.

ديسي جي انهن ڳالهين ڪري، اسان سڀ کيس ”ڪامريڊ“ سڏيندا هئاسين. ڪوهه مري ويجهو گهوڙا گلي واري ڪيمپ ۾ رهندي، ولايت نالي هڪ شخص اسان جو گائيڊ هو. جنهن جو ڪم رستو ڏسڻ يا فيلڊ ۾ ڪم ڪندي چانهن پاڻي ڪٽي اچڻ هئو.

هڪ ڏينهن منجهند جي ساهي دوران ڳالهيون ڪندي ولايت ٻڌايو.

”سردين ۾ جڏهن هتي برف ڪرندي آ ۽ روزگار جا وسيلا بند ٿي ويندا آهن ته مرد ماڻهو ڪمائڻ جي لحاظ سان، سڀئي اٺن مهينن لاءِ گهر ڇڏي پنهن ڏانهن هليا ويندا آهن“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکيو ڄڻ ڙيٿن سان پيا ڄاڻيون". ۽ منهنجي ڪنن ۾ سندس ڪجهه ڏينهن اڳ چيل اکر گونجڻ لڳا ته:

"سونهن ڏي سڀ ڪجهه نه هوندي آ دوست. عورت ۾ لڄ شرم، عزت آبرو، پيار ۽ وفا هئڻ کپي ۽ اهي سڀ سنڌي عورت جون ڏي خصلتون آهن".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيرو واحد بخش ناريجو، سنڌن مائٽ به هئو ته چڱو
مڙس به- چون ٿا پهريان روينيو کاتي ۾ صاحب هئو، جتان
ڪنهن سرڪاري ڏوهه جي ڪري، مٿس ڪيس هلائي، ڪيس
زوري رٽائر ڪيو هئائون- وڏيري کي ڏيڍ سو ايڪڙ ڪـن
موڪي ۽ هزار کن جريب ڪچي جي زمين هئي، جنهن جي
سارسنڀال سنڌس ڪمدار ۽ ڪاراوا لهندا هئا ۽ وڏيرو ٻارنهن
ئي مهينا سڄي ڪهول سميت شهر وسايو ويٺو هوندو هئو- پنهنجو
ڪم هوندس ته ٻي ڳالهه آ- نه ته چڱو مڙس هوندي به خير
ڪو مرڻي پرڻي، ڪنهن رِت ڏي ڀــ پير ڀري آيـو ۽ تازو
مگڻهارن مـان ٽيهن هزارن تي سنگ ونـي جڏهن ٽين شادي
ڪيائين ته رِت مائٽ بنهه وسري ويس-

وڏيري واحد بخش، سموري ٻني پنهنجي نوڪري جي
ڏينهن ۾ ٺاهي. ماڻهن ۾ مشهور هئو ته سرڪار جي ڊپ کان،
اها زمين هن پنهنجي ويجهن مائٽن جي نالي تي ڪئي هئي ۽
اهي ئـي ڳوٺ وارا آباد ڪندا هئا- ڪچي واري ٻني جـو
خاشو ٽڪر ٽوري پاڻي تي به ڀربو هئو، پر ڪجهه اهڙي به
هئي جيڪا وڏي ٻوڏ کان سواءِ ڪونه رجي- ٻوءِ به جڏهن
فصل لـڳندو هئو تــ خرارن منهن سَـرءُ ٽيندي هئي- ايتري
هوندي به انسان جو پيٽ ته الله ڀري ۽ وڏيرو واحد بخش خان
به، پنهنجي انڌي اونڌي شوق ۽ گهر جـن کي منهن ڏيــڻ
لاءِ هتان پٺي هـٿ هڻندو هئو- هونئن به اسان جا اڪثر سرندي
وارا، ان ئي بي مقصد نموني سان جيئڻ کي زندگي سمجهندا
آهن- زمينون قرض ۾ ڦاٿل، غريب هارين جـا حساب، سالن
جا سال ڳنڍيا پيا هوندا، بکين ماڻهن جي گهوڙا گهوڙا، ڀـر
وڏ ماڻهپي جي سمنڊ ۾ غرق ٿي هـو سال سال تي گاڏي مٽائڻ
۽ نوان بنگلا خريد ڪرڻ کي ئي قوم جي تقدير سمجهندا
آهن- وڏيــرو واحد بخش بـ اهڙن ماڻهن جيان، مطلب پرست
دوستن جي چار ۾ ڦاسي اکيون ٻوٽي، اڻ ڏٺي واٽ تي هلندو

هن لاءِ ته ويل هوندو ۽ چئو مانس.
”پر استاد- انهن جي تعليم، تربيت، خرچ پڪو، مهانگائي
به ته آپ سان پٺي ڳالهيون ڪري.“
”سائين مڃان ٿو ته ٻار کي مڪمل ٻار بڻائڻ اوکو ڪم آ.“
هو چوڻ لڳو ”مان ته پنهنجي وسان ڪونه گهٽائيندس- اڳتي
به خدا ڪونه ڇڏيندن!.... جنهن چهنب ڏني آ سو چوڻو ته
ڏيندو نه؟“ ائين چئي هن وري به مون ڏي ڏٺو ۽ هڪ اهڙي
ڳالهه ڪئي، جنهن منهنجي نظرن ۾ هن جو رتبو آپ جي اوچاين
نائين وڌائي ڇڏيو.... مونکي اڄ به سندس ڪيل ڳالهه ياد آ-
هن چيو هو.
”اسان ڏک بک ۾ رهي، گهڻا ٻار آپايا ته به شڪر آ-
سندي قوم ٿورائي ۾ ته نه ايندي“.

# هيپي نيو ايئر

ميـنهن جي ڦڙ ڦڙ ۾ سخت سيءُ ۾ به هو سج کان اڳ ٿيو- ٻاري جهڙي پاڻي سان وضو ڪري نماز پـڙهيائين ۽ هٿ کڻي سڀ کان اول اها دعا گهري ته....

”اي منهنجا الله- نئون سال اسان لاءِ سوڀارو ڪر- اسان جي پراڻن ڪالن مان جان ڇڏاءِ“. دعا پوري ڪرڻ کان پوءِ هو مُصلو ويڙهي اٿي زال جي پاسي ۾ اچي ويٺو، جيڪا سگهري ٻاري، چانهن نـاهڻ جي تياري ڪري رهي هئي- هو ڪجهه وقت تائين چپ چاپ ٻرندڙ ڏاندن کي ڏسندو رهيو-

”ڪا ٿڪي هوندي “ رات واري اوجاڳي يا گهڻي سيءُ جي ڪري مٿي ۾ سور پيائين ته زال کان پڇڻ لڳو.

”چاجي.“

”مٿي ۾ سور پيو آ.“

”چانهن جي ڪري هـوندو“ جوڙهنس وراڻيو ۽ گهڙي رکي وري پڇڻ لڳي“.

”اڄ ڀڳهار ملندي نه- ماڻهن ڏاڍو تنگ ڪيو آ“.

”نه اڄ صاحب ڪونهي“ هن وراڻيو ”تڏهن ته مون به موڪل ورتي آ“.

”ننڍڙي جو ڪير ڪپي ويو آ- ڪنڊ به ٻاقي ڪا هوندي!“

”تون به خرچ ڪندي ڪو خيال ٿي نه ٿي ڪرين!“

”ته ڇا مان ڪنڊ جا ڦڪ هڻندي آهيان؟“

”نه ته به ٻار ٻچي کان ته شئي سنڀالي رکبي آ نه- ڏسين ٿي ته مهانگائي به تيل جي ٻاهه جيان ڏينهون ڏينهن وڃي ٿي

هن دل ئي دل ۾ سوچيو.

”بابا- ڪالهه ”هيپي نيو ايئر بابا.“ سندس پٽ وري چيو اسان جي استاد ٻڌايو پئي ته اج نئين سال جو پهريون ڏينهن آ ۽ پيءُ ماڻ کي ”هيپي نيو ايئر“ چوڻ سان سارو سال خوشين ۽ خوشحالين ۾ گذرندو آ“.

پٽ جي ڳالهه ٻڌي هن ڏانهنس چتائي ڏٺو- معصوم ٻار جي منهن تي پکڙيل ملائڪن جهڙي مرڪ، هن کي اوپر کان ايندڙ لات جيان لڳي- هن محسوس ڪيو ته چڻ ڏکن سورن واري ڪاري رات جي پڇاڙي ٿي وئي هجي- چڻ سندس اڳيان نئون سوجهرو ٿي رهيو هجي- هن جي منهن تي به از خود مرڪ اچي وئي ۽ چپن مان نڪتو.

”هيپي نيو ايئر ماه سن- هيپي نيو ايئر تو يو“- اڻ چاتل خوشي ملڻ جي احساس کان سندس من مرڪي اٿيو- هن اڳتي وڌي پٽ کي چمي ڏني ۽ همت ڀريل قدمن سان ٻاهر نڪري ويو- الائي ڇو ڪيس هاڻي پڪ ٿي وئي هئي ته پراڻا ڪال تمام جلد.... پڇاڙي ڪري ويندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سج، سوا نيزي تي

هو ڪيس ڏاڍو پيارو هئو، ساهه ڪان به وڌيڪ. نيٺ ته حياتي جا پنجويهه سال ساڻس گڏ گذاريا هئائين. شل نه هن کي مٿي ۾ سور پوي، پوءِ ته سندس ننڊ ئي ڦٽي ويندي هئي.

”ائين مات ڪري نه ويهه. سنجهي ساڻ پنهنجي ڪراڙ. بيماري گهر ڪري وئي ته پڇر ئي ڪونه ڇڏيندي.“

”اڙي ته مٿي جو يا پيٽ جو سور به ڪا بيماري آ.“

”پيو نه ته، انهن ننڍن سورن مان ئي ته وڏا سور ساماڻبا آهن.“ هوءَ واقعي ڏڍل لڳندي هئي.

”تون ڳڻتي نه ڪر. آئون ائين ڪونه ويندس.“ مڙس جي مذاق تي هوءَ ڪيس ائين ڏسندي رهندي هئي. ”آئون جي ويس ته دهلن شرناين سان ويندس.“ مڙسهس اجان ڪجهه وڌيڪ چوي ئي چوي ته هوءَ ٻوڙي اچي سندس وات تي هٿ رکندي هئي.

”ماڻهو سدائين سڌائي وائي واتان ڪڍي. ڪڏهن ڪڏهن ته خدا به هڪ ڪنو ٽي ٻڌندو آ چريا.“ ۽ هو ٽهڪن ۾ ٻڏجي ويندو هئو.

”توکي ڪهڙي خبر ته پيار ڪرڻ وارن لاءِ، سڄڻ پرين جو ٿورو ڏک به عذاب ڏيندڙ آ.“ هوءَ اکين ۾ پاڻي آڻي چوندي هئي. ”تون ڪلين ٿو پر مان توکي ٿورو به ڪومائل ٿي ڏسان ته سمجهان ٿي ڄڻ سج سوا نيزي تي اچي ويو آ.“

.... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوڪري ڀيهر پڇيو.

”جڏهن سور سهڻ کان سرس ٿي ويندا آهن نه پٽ- ته سچ سوا نيزي تي اچي ويندو آ-“ هوءَ چڙ تـه- همت هاري ويٺي هئي ۽ چاهيائين پئي تـه روئي پنهنجي انـدر جو بـار هلڪو ڪري.

....  ....  ....

مڙس جي سستيءَ تي هوءَ مات ڪري نه ويٺي ۽ پئي ڏينهن تـي زور ڪري، ڪراچي وٺي اچي سٺي ڊاڪٽر کي ڏيکاريائينس، ائين هٿ ڏينهن شام جو سندس ڪپڙا بدلرائيندي چوڻ لڳي.

”مان نه تنهنجو مڙس هجان، ته الائي ڇا ڪري ڇڏيان هـا-“ پنهنجي سائين جي سستي تي هوءَ چڙي پئي. ”آڙي ماڻهو- ته ڏس- مٺي ساهه سان پياچين ۽ تون پنهنجي جـان جي به نه ٿو ڪرين.“ پوءِ ڪيس ايلاز ڪندي چيائين ”خدا کي مڃ - پنهنجي لاءِ نه ته اسان جي لاءِ ئي ڪجهه ڪـر.“ پر هو مرڪندي ڪيس ڏسندو رهيو- هوءَ ڪيترا ڀيرا ته ڪيس زوري شـيو ڪرائي، وهنجاري، ڪپڙا بدلرائيندي هئي.

”مان چاهيان ٿي ته تون سوين ماڻهن ۾ به چمڪندو اچ- جيئن سڀ سمجهن ته صاحب واقعي صاحب آ-“ هن جي ڳالهائڻ مان سچي پيار جي ٻهڪار ايندي هئي- هـوءَ جوان ٻارن هوندي به مڙس کي چمي ڏيندي ڪونه ٻهڪي - اهڙي ويل هن جي هيانءَ ۾ هٿ پوندا هئا ۽ چاهيندو هئو ته زال کي ڀاڪر ۾ ڪري، پار ڪيدي روئي، پر پاڻ تي ضبط ڪري، ٿڌو ساهه کڻي مات ٿي ويندو هئو.

....  ....  ....

ڇهن مهينن کان پوءِ سندس طبيعت وري خراب ٿي پئي.

”لڳي ٿو ته هٿن مان هليو ويندو مانءُ.“ هڪ ڏينهن زال کي چيائين ته جوڻهس جو منهن ئي لهي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڏاڙهيل اچي ويا.“ ڪنهن رڙ ڪئي.

”اسان جي ڪنهن سان به دشمني ڪانهي. اسان رگهو صاحب کي ڪٽڻ آيا آهيون.“ هُن ٻڌو ۽ اڳتي ڊوڙي، پر هُو بيٺل پنهنجي مار وٽ ڪان رائيفل کسي. ”ٺا ٺا، ڊز ڊز، ٺا.“ ڪئين گوليون باهه جي شعلن سان گڏ امالڪ نِڪتيون. ڪلاشنڪوف جو هنيل برسٽ هُن جو سينو ڇُرڻ ڪري ويو. رائيفل هن جي هٿن مان ڪري پئي ۽ هو بولاٽي کائي، پرندڙ باهه کان چند وکون پري، پاڻي جي ديڳين وٽ وڃي ڪريو. بورچي جي هٿ مان ڪفگير ڇڏائجي ويو، پاڻي پرڻ واري جي پکال ڪري پئي ۽ دانهن ڪري ڇپائين. ”ابول. صاحب مري ويو.“

.... .... ....

چند گهڙين کان پوءِ، ڪنهن جي به پرواهه نه ڪندي، جنهن مهل هوءَ پيرن ۽ مٿي اگهاڙي، ٻاهر ڊوڙندي آئي ته ڏٺائين. سندس مڙس جو لاش ڪپ ۾ رت ۾ لٿڙيو پيو هئو. لڳس چڻ سج – سوا نيزي تي اچي ويو هجي.

”آئون جي ويس ته دهلن شرنائين سان ويندس.“ پنهنجي پيارَ جا اکر سندس ڪنن ۾ گونجيا ۽ هوءَ هيانءَ ڦاڙ رڙيون ڪري پار ڪيدي روئڻ لڳي.

□



Scanned with CamScanner

# مذهبن ملڪ ۾....

شهر جــي سماجي اداري جي ڪجهه نوجوانن ٻـاران آنـدل، ننڍڙي نينگر جو لاش ڏسي، مُقام واري مسجد جـي مولوي صاحب، پنهنجي ڏکـي لٺ زور سان فرش تي هڻندي رڙ ڪئي.

"هي لاش هـِن مقام ۾ نه پوربو."

"پر هي ته هڪ ابهم جو لاش آ ۽ معصوم ٻـار جو ڪو مذهب ڪونه هوندو آ."

"ننڍڙو هجي يا وڏو. پر هي لاش هن مقام ۾ نه پوربو." مولوي صاحب پنهنجي ڳالهه تي ڳنڍ ڏئي بيٺو.

"مولوي صاحب- موت سان گڏ سڀ عقيدا مري ويندا آهن." هڪ نوجوان چيو.

"توهان سڀ ڪافر ۽ ڪافر جو اولاد آهيو، جو هن ٻاگڙيءَ جو لاش هتي پورڻ جـي ڳالهه پيا ڪيو. پـر آئون توهان کـي ائين ڪرڻ جـي اجازت ڏئي، مسلمانن جـو مقام پليت ٿيڻ نه ڏيندس." مولوي صاحب سيهي پيٽل ديوار بڻجي بيهي رهيو "۽ جي ڪنهن به ضد ڪيو ته مان هـِن لـٺ سان هـُن جو مٿو ڀڃي ڇڏيندس." ۽ ڇوڪرا چپ چاپ هڪ ٻئي ڏي ڏسڻ لڳا.......................

"واه ڙي مذهب - مرڻ پويان به پـَڇـَر نه ڇڏيئي."

.... .... .... ....

سانوري رنگ جي ننڍڙي قـد ۽ ننڍڙي ڏاڙهي واري نوجوان نينگر پنهنجي سامهون ويٺل ماڻهن ڏي ڏٺو ۽ چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”آئون قرآن جو حافظ ۽ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد جو پيش امام آهيان.“

”ها سائين.“

”پر توهان کي شايد خبر ناهي ته مان لوڊي راند کيڏندو آهيان. ڏاندن جي گوهه تي هلڪي ڦلڪي شرط رکندو آهيان ۽ وي-سي-آر تي انڊين ۽ انگريزي فلمون به ڏسندو آهيان.“

سامهون ويٺل چُپ - اکين ۾ تعجب ۽ وات ڦاٽل.

”توهان کي خبر آ ته ڇو؟“ ننڍڙي ڏاڙهي واري، بندري قد جي حافظ صاحب ماڻهن کان پڇيو.

”نه سائين.“ هڪ پڙڪو.

”اهو سڀ ڪجهه ڪري آئون ڪالهه ۽ اڄ واري اسلام جو فرق معلوم ڪندو آهيان.“ هن ساهي کنئي. ”هونئن به توهان پاڻ ڏسو ته اسلام ۾ ڪيڏي نه وڏي گنجائش آ.“

.... .... .... ....

رمضان جو مهينو آيو ته به هن نه نماز پڙهي ۽ نه روزو رکيو. چون ٿا ته ان مهيني ۾ هُن هڪ قتل ۽ ٻه چوريون به ڪيون. هڪ وار ته ڪنهن ڇوڪري سان زوري زنا ڪرڻ جي ڪيس مان به پاڳن پيرين بچيو.... ... اڄ هو وڏي مسجد جي پر مان متي رهيو هئو، جو جمع نماز تي مولوي صاحب جو آواز ٻڌائين. جماعتين کي خطاب ڪندي، وڏي مسجد جو مولوي صاحب چئي رهيو هئو.

”هي اهو پاڪ مهينو آ. جنهن ۾ شيطان قيد ڪري رحمت جا دروازا کوليا ويندا آهن.“

هن کلي ڏنو.

”ڪوڙ ٿو چئي - آئون ته اهو ئي آزاد آهيان.“

.... .... .... ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪامريڊ ٽائيپ جي نوجوان شخص ماڻهن جي ميڙ ۾ تقرير ڪندي چيو.

”توهان پلي مسجدن ۾، مدرسن ۾ چندا ڏيو، پر خدمت خلق جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ سٺو طريقو ڪونهي تہ اسڪول ٺهرائجن ۽ اسپتالون کولائجن- ڇوتہ نماز رستي تہ ٻہ پڙهي سگهجي ٿي پر آپريشن، روڊ ٺي نہ ٺو ڪري سگهجي.“

ڪامريڊ ٽائيپ نوجوان جي ڳالهہ ٻڌي، ڀاڙي واري مسجد ۾ ويٺل مولوي صاحب کان رڙ نڪري وئي.

”ڪتلا ٿمي لعنتي- اتي بہ ماڻهن کي دين جي خلاف ٻيو پڙڪائين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ليکڪ جا ايندڙ ڪتاب

1- اي ٽرپ ٽو آمريڪا

(سفرنامون)

2- ڦاهي گهاٽ

(ناول)

3- ٻاڇا ٻوٽينءَ ٻهر جا

(ڪهاڻيون)

ٽيئي ڪتاب ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل، اڇي پني ڇپيل هوندا.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



## سُڃاڻپ

هُوَنئين تہ سُڃاڻپ لاءِ هَر ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪو نالو ۽ ڪا ذات هُوندي ئي هوندي آهي پر ڪاڪا سُڃاڻپ ڪنهن ذات، ڪنهن ڏانئن ۽ ڪنهن ڳڻ جي حوالي سان اهڙي ٿيندي آهي جو ماڻهوءَ جي ذات/شخصيت خود حوالو بنجي پوندي آهي.

محمد انور، بلوچن جي بليدي قبيلي جو هڪ اعليٰ تعليم يافتہ، سُڄاڻ ذات ڏٺي ۽ صاحب دل منش آهي. سهڻي سلهول شخصيت جو مالڪ انور بلوچ ادب جي دنيا ۾ "سنگسار" کان پوءِ ٻي ڪتاب "ڪپيل هٿ" جو تخليقڪار آهي. ڪهاڻي ۽ ناٽڪ ۾ سندس تخليقي جوهر جي جهلڪ نمايان آهي پر سنڌ ۽ سنڌ جي تاريخ سان سندس لڳاءُ بہ گهٽ ڪونهي. اِهو ئي سبب آهي جو سندس ڪهاڻين ۾ مٽيءَ جي مهڪ، ڏيهہ واسين جي ڏکن ڏولاون جو درد ۽ سنڌن مسئلن جو چِٽو شعور آهي ۽ اها ئي سندس سُڃاڻپ آهي جيڪا اڄ بہ آهي ۽ سُڀان بہ رهندي.

سندس بايو ڊيٽا ڪي سهيڙجي تہ سندس رسمي سُڃاڻپ اِجهو هيٺن بيهندي.

نالوِ: محمد انور بلوچ

جنمر جو ماڳُ : ڳوٺ محمد حسين بليدي ضلع لاڙڪاڻو.

تعليمِ: بي- ايس- سي(فاريسٽري) سال ١٩٧٦ع پشاور يونيورسٽيءَ مان پهرين پوزيشن سان.

ڳولڊ ميڊل ۽ چانديءَ جا ٽي ٻلا- پاٽل.لاهور ۽ آمريڪا جي ڪولو راڊو اسٽيٽ

يونيورسٽيءَ مان "اريگيشن" ۾ تربيت يافتہ.

ڪرتِ: دڙو ضلع ٺٽو ۾ ٻيلي کاتي جو عملدار.

ٻيلي کاتي جي ٻين عملدارن کان نرالو انور ٺڪر جا چيچڪاچٽي ساڃهہ جا وڻ اُپائيندي نظر اچي ٿو.

غلام حسين رنگريز

١٢ جولاءِ ١٩٩١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu